(ادب)

ڊاڪٽر ريحانہ نذير

# سنڌ جي ريگستاني عورتن جا لوڪ گيت - هڪ اڀياس


***Abstract:***

**The folk songs of bedouin Thari women in Sindh**

*Folk literature mirrors the socio-cultural milieu of the society and links us to our past. In Sindh, folk literature is intertwined with the history and lifestyle of people of Thar (a desert region in the South), especially for young men, who often have to leave their villages (and travel to the cities) in search of better livelihoods. The folk songs are thus a conduit for the Bedouin women, who are left behind, to express their emotions and reminisce about their loved ones. These songs also often provide unique portrayal of the Thari landscape, culture and customs. This article aims to analyse these folk songs and their expressive power in explaining the feelings, passions and adversities of Thari women .*


**لوڪ ادب** ڪنهن بہ ملڪ، قوم يا معاشري جي نفسيات رهڻي ڪهڻي جو آئينہ دار هوندو آهي، جنهن جي وسيلي اتي وسندڙ ماڻهن جي تهذيب، ثقافت ۽ ٻولي جي ڄاڻ ملندي آهي. لوڪ ادب جا سرجڻهار ڪير آهن؟ اهو بہ پنهنجي جاءِ تي اهم سوال رهيو آهي، اصل ۾ هي ( ادب ) ٻهراڙي جي ڏاهن ۽ سچن ماڻهن جو سرجيل تخليقي ادب آهي، بقول ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي تہ: ”اهي پڙن اگهاڙا، پيرين پيادا ڪڙيءَ ڪهہ لڳل ليڙن لپيٽيل، سادي قوت قرارا، جڏهن بہ صدري خزاني وارا موتي هاريندا آهن، تڏهن ٻڌندڙ دنگ رهجي ويندا آهن تہ سادي سيني مان ڪهڙا نہ ملهہ مهانگا موتي ملن ٿا.“(١)

اهو ئي سبب آهي جو ان ۾ ڪٿي ذهانت جا ذخيرا تہ ڪٿي وري خيال ۽ تخيل جي سادگي ملي ٿي، تہ ڪٿي وري لفظن جي جوڙ جڪ ۾ ڳوڙها راز سمايل هوندا، تہ ڪٿي وري خيال جي رواني آسمانن جي اسرارن جا روپ نروار ڪندي نظر اچي ٿي، ڪٿي بيان جو طريقو عام فهم ۽ ايترو تہ سادو هوندوجو، هر ماڻهو جي سوچ ۽ سمجهہ کي رسي سگهي تہ ڪٿي وري اهو ڳوڙهي سٽاءَ سان ڀرپور نظر اچي ٿو. مطلب تہ لوڪ





ادب ۾ زندگي جا سيئي رنگ شامل آهن. پروفيسر قمر رئيس ان تي وڌيڪ روشني وجهندي لکي ٿو تہ: ”لوک ادب المیہ اور حُزنیہ بھی ہوتا ہے اور طربیہ بھی۔ یہ عوام کی ذہانت کا تخلیقی اظہار بھی ہوتا ہے اور ان کی تفریح و تفنن کا ذریعہ بھی— اس میں ہنسی، مذاق، ٹھٹھولی، طنز و تعریض، مذہبی عقیدت، دشمنوں سے نفرت، وطن دوستی، مظاہر فطرت سے محبت، جنسی جبلّت، الغرض ہر طرح کے جذبات واحساسات اور واردات کا اظہار ہوتا ہے۔“(2)

لوڪ ادب ۾ نثر ۽ شاعري ٻئي اچي وڃن ٿا شاعري ۾ لوڪ گيت لوڪ ادب جو بي بها سرمايو آهن. جيڪي پنهنجي فطرت ۾ نرم ۽ نازڪ خيال ۽ تخيل سان ڀرپور جذبن ۽ احساسن کي پنهنجي سادي سلوڻي اسلوب ۾ لکيا ۽ موسيقي جي لئہ ۽ ترنم سان ڳايا وڃن ٿا. لوڪ شاعري ۾ لوڪ گيتن جون ڪيتريون صنفون ملن ٿيون. سنڌ ۾ لوڪ گيتن جو تعلق گهڻي ڀاڱي ٿرسان ملي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٿر جي زمين جيڪا برسات نہ پوڻ ڪري هميشہ اڃايل ۽ وارياسي رهي ٿي ان ڪري اتان جي ماڻهن جو ذريعہ معاش گهٽو ڪري ڪنهن ٻئي شهر يا وسندي ۾ پورهيو يا مزدوري ڪندي پورو ٿئي ٿو ۽ جيئن تہ پدرشاهي سماج ۾ مرد ڪمائڻ لاءِ ٻاهر ويندا آهن ۽ عورتون وري سندن غير موجودگيءَ ۾ گهر ۽ ٻار سنڀالينديون آهن، ان ڪري انهن جي زندگي پنهنجي ٻارن جي پالنا ۽ پنهنجي ورجي موٽڻ جي آس، اميد ۽ اوسيئڙي ۽ انتظار جي ارد گرد گهمندي رهندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اهي (عورتون) انهن کي ياد ڪري، ڪيڏي مهل ڏيئا ٻاري پٽين تي رکنديون آهن، تہ ڪيڏي مهل نڪر جي ٿانو (پاٽڙو) پکين کي پاڻي ۽ اناج جا داڻا رکي پنهنجي دل جا راز انهن سان ونڊينديون آهن ۽ ڪين پنهنجي ور، محبوب يا پرينءَ پيارن لاءِ نياپا ڏيئي موڪلينديون آهن، ان کان علاوه جيڪي عورتون شادي ڪري ڏورانهن علائقن ڏانهن هليون ويند يون آهن، اهي وري پنهنجي مائٽن لاءِ پيون پيغام موڪلينديون آهن. ان سان گڏوگڏ هي بہ حقيقت آهي تہ ٿري ماڻهن لاءِ مينهن قدرت جي طرفان عطا ڪيل سوغات هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو، جڏهن اتي مينهن وسندو آهي تڏهن ڏورانهن هنڌن ڏانهن ويل ماروئڙا پنهنجي ٿاڪن ڏانهن ورندا آهن ۽ عورتون سندن آجيان ۾ خوشي جا گيت بہ ڳائينديون آهن يا وري جڏهن ميگهہ ملهار ٿيندي، تڏهن ڪين نندپڻ جون سکيون ياد ايند يون آهن، جن سان گڏجي هوندپڻ ۾ پينگهن تي لڏنديون هيون ۽ گيت ڳائينديون هيون، جيئن ساوڻ ٽيج يا باڏليو وغيرهہ جا لوڪ گيت جن ۾ اهي (پرڻيل عورتون ) پنهنجي پيئرن کي سنيها

موڪليندیون آهن ته ، مينهن وٺا آهن، پر توهان اجان وٺڻ لاءِ ڇو نه پهتا آهيو، سکيون پينگها لڏنديون هونديون.!. اهو به چيو وڃي ٿو ته لوڪ گيتن جي تاريخ ايتري ئي قديم آهي جيتري انساني زندگي جي تاريخ پراڻي آهي انهن لوڪ گيتن جي موجد گهڻي ڀاڱي عورت رهي آهي ڇو ته گيت ۾ جيڪي نرم نازڪ خيال، احساس ۽ جذبا، جن کي سر لئہ ساز سان سلهاڙيو وڃي ٿو اهي مرد جي بنسبت عورتن جي مزاج جي گهڻو ويجهو آهن. ڊاڪٽر وزير آغا ان بابت لکي ٿو ته :"گيت عورت کے جذبہ اظهار ہے، عورت سماج کے لیے علامت کا درجہ رکھتی ہے، گيت نا صرف اس معاشرے میں جنم لیتا ہے جس کی اساس مادری زبان پر قائم ہے ہوتی ہے بلکہ سماجی زندگی کے اس دور میں جنم لیتا ہے جس سوسائٹی اپنی بوجھل جسم میں روح کی پہلی کروٹ کو محسوس کرتی ہے۔ یہی ثنویت کی ابتدا ابھی ہیے۔"(3)

سنڌ جو ريگستاني علائقو ٿر به لوڪ گيتن جو ڳڙه ليکيو وڃي ٿو، جتي لوڪ ادب ۾ نثر توڙي شاعري جا انمول خزانا موجود آهن خاص ڪري لوڪ شاعري ٿر جي رسمن توڙي رواجن جي آئينہ دار رهي آهي. تاج جويو لکي ٿو، " ٿر گيتن جي سرزمين آهي، هتي گيت ماءُ جي ٿڃ جيان ڌرتيءَ مان گوها گوها ڦٽي نڪرندا آهن. ٿر، گيتن جي جنم ڌرتي آهي، ۽ سنگيت هن سرزمين جي نس نس ۾ موجود آهي."(۴)

سنڌ جا ريگستاني علائقا جيئن ته برسات نه پوڻ ڪري معاشي طرح پٺتي پيل هوندا آهن ۽ غريب ماڻهو روزگار سانگي ڏورانهن هنڌن ڏانهن وڃڻ لاءِ مجبور هوندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو، ٿر ۾ جيڪي لوڪ گيت ملن ٿا، انهن ۾ اڪثريت گهر ۾ ويٺل انهن عورتن جي درد سان ڀرپور جذبن ۽ احساسن جي ڪيفيتن جي اظهار تي ٻڌل آهي، جيڪي پنهنجي پرين پيارن کان پري رهڻ تي مجبور آهن. پر پوءِ به هو انهن حالتن ۾ پاڻ کي وندرائڻ لاءِ ڪيترائي جتن ڪندي نظر اچن ٿيون. ڇاڪاڻ ته ٿر جي عورت ذهني توڙي جسماني ساخت ۾ هڪ مضبوط حوصلن جي مالڪ ۽ گڏو گڏ هوءَ هر قسم جي معاشي توڙي سماجي شعور رکندڙ هوندي آهي. هن ۾ ٻين پٺتي پيل علائقن جي عورتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قرباني، ايثار ۽ گهريلو تشدد خلاف مزاحمت جو جذبو نظر اچي ٿو. ٿري عورتون مردن جي ڏورانهن هنڌن تي ڪمائڻ لاءِ وڃڻ سبب گهر جو سمورو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻن ٿيون، پوءِ اهي پاڻي جا هڪ ٻئي مٿان رکيل گهڙا هجن، جيڪي هو ميلن جا پنڌ ڪري نتهڻ اس ۾ ڀري گهرموٽنديون آهن يا وري ٻني





ٻاري جو ڪم هجي يا وري ٻارن جي سار سنڀال هجي، ان کان پوءِ به هو فارغ ٿي ويهي ڪونہ رهن پرپنهنجي پائڻ لاءِ يا آمدني جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جا ڀرت ويهي ڀريندیون آهن، گهرن جي مرمت پنهنجي هٿن سان ڪنديون آهن، مختلف ڏڻن تي گهرن کي راڱا ڏينديون ۽ ڪاٺڻ لاءِ پاڻ ان ڇڙينديون آهن مطلب ته ٿري عورت هر قسم جو پورهيو ڪندي ڪونہ ڪيٻائيندي آهي ۽ انهن ڪمن ڪارين دوران هوء پاڻ کي وندرائڻ لاءِ مختلف قسمن جا گيت جهونگارينديون يا ڳائينديون آهن، ته ڪڏهن وري پنهنجي مخصوص ۽ منفرد ثقافتي انداز ۾ سڀ سکيون گڏجي انهن تي ناچ به ڪندي نظراينديون آهن. ته ڪڏهن وري هو چنڊ جي چاندوڪي ۾ يا ڏينهن جي روشني ۾ ڪنهن وڻ هيٺان ويهي پنهنجي ورن جي وڇوڙي ۾ فراق جا گيت نهايت پرسوز آواز ۾ آلاپينديون يا ورلائينديون آهن. اهو سبب آهي جو ٿري لوڪ گيتن ۾ جذباتي احساسن سان گڏ معاشي ۽ سماجي زندگي جا سمورا ڏيک پسجن ٿا، پوءِ اهي شادي وهانءَ جي ريتن رسمن جا گيت هجن يا عشق محبت جا داستان هجن سکين جي وڇوڙي جا گيت هجن يا پنهنجي ور يا محبوب جي هجر ۽ فراق جي ڦٽن تي ٻڌل گيت هجن يا ڪٽي پوڪ ۽ لاباري جا گڏجي ڳايل گيت مطلب ته ٿرم هرمهل ۽ موقعي جي مناسبت سان گيت رچيل آهن جن جا گهڻي ڀاڱي موضوع عورت جي جذبات جي عڪاسي ڪندڙ آهن. جن ۾ وڇوڙي، درد، شڪوه شڪايت، آسن ۽ اميدن تي ٻڌل گيت شامل آهن. اهڙي طرح اهو چئي سگهجي ٿو، ته ٿر ۾ هر قسم جي موقعي جي مناسبت جا گيت سرجيا وڃن ٿا. بقول ڀارومل امراڻي جي ته: " ٿر جي لوڪ شاعري ۾ جذبن جي معصوميت اظهار جي نماڻائي بيپناه جماليت فراق ۽ وصل جون وارتائون آهن جن جي عمر ڪيلاش تي رهندڙ ديومالائي ڪردارن کان وڏي آهي. لوڪ شاعري جو سرڳ ديوتائن جي سرڳ کان سهڻو آهي. ٿر ۾ لوڪ گيتن جي شروعات مينهن جي وسڻ، مورن جي ٿهوڪن تارن جي جڳ مڳ تاڙي جي تنوار هرڻ جي چال ٻاٻيهي جي اڄ سان شروعات ٿي آهي."(۵)

ٿر ۾ لوڪ گيتن جا جيئن ته انيڪ قسم موجود آهن، پر موضوع جي ڊيگهه کان بچندي مون پنهنجي هن مقالي ۾ ڪجهه انهن لوڪ گيتن جي صنفن جو اڀياس شامل ڪيو آهي، جيڪي خاص ڪري ٿري عورتن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني

تي ٻڌل آهن. ۽ جن کي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن پڻ پنهنجي فن ۽ فڪر جو موضوع بنائي لوڪ شاعري سرجي آهي. هيٺ اهڙن ڪجھ لوڪ گيتن جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو.

**ساوڻ ٽيج:**

هي ٿر جو مشهور لوڪ گيت آهي جيڪو نيون سهاڳڻيون ۽ ڪنواريون مينهن پوڻ ڪانپوءِ گڏجي ڳائينديون آهن ۽ پنهنجي ماءُ ڏي نياپا موڪلينديون آهن، تہ ساهرن ۾ سندن مٿان ظلم ٿئي ٿو هاڻي تہ ساوڻ گجيو آهي هاڻي تہ ڀاءُ کي موڪليو تہ جيئن، اسان کي وٺي وڃي. ڊاڪٽر نبي نخش خان بلوچ ان بابت لکي ٿو تہ: " هي ٿر پارڪر جو لوڪ گيت آهي جنهن جو تعلق ساوڻ جي مند سان آهي .ساوڻ جي مهيني جون "ٽينجون" ڏهاڙي طور ملهايون وينديون آهن. انهن ڏينهن تي نينديون ڇوڪريون وڻن ۾ پينگهون ٻڌي سڄو ڏينهن لڏن ۽ ترائين تي وڃي هڪ هنڌ گڏجي ساوڻ ٽيج جا گيت ڳائين ٿيون."(٦)

**مثال:**

"اي آئي ماءُ سرامڻ ٽيج ڙي

(اي امان! ساوڻ جي مهيني ۾ ٽيج آئي آهي.

سراوَڻ ساوَڻ ڏيٺا ساسري

(ساوڻ ساوڻ پر ڏيٺڙي ساهرن ۾ آهي.)

ميلهي ميلهي، ماءُ نانِيرو وير.

(امان! نندڙي ڀاءُ کي ڪوٺڻ لاءِ اماڻج)

راتان ري نِرٽي پايان رِي ٻينڙي

(جو پائن جي سڪندل پيٺ، نيراني وينٽي آهي.)

آئي سرامڻ ٽيج ڙي

آئي سرامڻ ٽيج ڙي."(٧)





هن گيت جو موضوع گهٽي پاڳي مائٽن سان شڪوه شڪايت تي ٻڌل هوندو آهي جنهن ۾ ساهرن جي ظلم جي داڻهن ڏني وڃي ٿي. تہ ڪيئن هن کي سڄو ڏينهن ڪم ڪرائڻ ڪانپوءِ بہ سڪي ماني جو ڊوڙو ڏنو وڃي ٿو، جديد شاعرن مان شيخ اياز پڻ هن لوڪ صنف تي لکيو آهي جنهن جا ٻول هن طرح آهن.

**مثال:**

"آئي ساوڻ ٽيج ڙي

گج سوين تارڙا، واجھ وجهي وڄ ڙي

ڇوريءَ نہ ڇڄ ڙي!

آئي ساوڻ ٽيج ڙي

هيڪلڙو هينئڙو، اُپ ڪري ڳاج ڙي!

راڻو نہ راج ڙي!."(٨)

ان گيت ڪان علاوه ٿر ۾ مينهن، جهڙڦڙ ۽ ميگھ ملهارجا ٻيا بہ ڪيترائي گيت ڳايا وڃن ٿا جن ۾ 'بادليڻ' 'ورسارو' 'پيئيو'راڻو ۽ چوماسو وغيره قابل ذڪر آهن . مطلب تہ هتي هرموضوع توڙي موسم جي مناسبت سان رچيل لوڪ گيت ٿري عورتن جي جذبات جي نمائندگي ڪندي ملن ٿا.

**ڪانگلڙيو:**

هن لوڪ گيت ۾ عورتون ڪانگ (ڪانءُ) کي قاصد بنائي ڏورانهن هنڌن تي ويل پنهنجي محبوب، ور يا مائٽن ڏي سڪ جا سنيها موڪلين ٿيون. گهرن ۾ عورتون پتين تي ٺڪر جي پاٽڙن ۾ پاڻي پري يا ڪاڻڻ جون اُهي شيون، جيڪي پکي واپرائيندا آهن، پٽ تي رکنديون آهن ۽ جڏهن اُهي(پکي)ڪاڻڻ لاءِ ايندا آهن تڏهن، پنهنجي خيال ۽ تخيل ۾ هو انهن کي قاصد بنائي گيتن جي صورت ۾ نياپا ڏينديون آهن، بنيادي طور تي هي محبت ۽ مجاز جو گيت آهي هن صنف تي ڪلاسيڪل شاعرن پڻ لکيو آهي، مثال طور تي سنڌ جي سرواڻ ڪلاسيڪي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي لکيو آهي تہ:

”آءُ ڪَانگا تو ڏِيَان، چِڻِي چورائي،
سَا وَڃِي ڏي مَحبُوبَ کي، لوڪَان لِڪَائي،
پِرِين پَڙهَائي، مَان نہ سُڌِ لَهَنِ سُورَ جِي.“(٩)

جديد شاعرن ۾ تاجل بيوس جو لکيل ڪانگلڙو جو مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

”ڪانگلڙو، ڪانگلڙو،
ڪارونجهر جو ڪانگلڙو،
آتڻ منهنجي آيو آ......
ڪوڙ ملائي خوشبويون،
مصرين جي پاٽيءَ ۾ مون،
منڙو روٽ پچايو آ....
آتڻ منهنجي آيو آ.....
ڳانيون ڳچيءَ ۾ پائي ،
پير ۾ چلڙا پائي،
پرين ڪانگ اُڏايو آ....
آتڻ منهنجي آيو آ.....
ڪارنجهر جي ڪانگلڙي،
خاطُوءَ منهنجي ڪنيا تلڙي،
ٻَرِ ٻَرِ ٻول ٻُڌايو آ.......
آتڻ منهنجي آيو آ.....
وڏ ڦڙئي جون واڏايون،
ڪانگل آهن ڪن لايون،
’بيوس‘ سانگ سڄايو آ......
آتن منهنجي آيو آ.........“(١٠)

## پٽهياري:

ٿر جو ذڪر اچي ۽ پاٽي جو ذڪر نہ اچي اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ چئبي، ڇو جو ٿر واريءَسو علائقو آهي ان ڪري اتان جي جيوت لاءِ پاٽي ڪنهن سوغات مثل هوندو آهي،





اهو ئي سبب آهي جو ٿر ۾ مينهن جي موسم ڪي عيد جي ڏڻ جيان ملهايو ويندو آهي پر جڏهن اتي پاٽي جي کوٽ ٿيندي آهي تڏهن ان علائقي جون عورتون گڏجي ڏورانهن هنڌن تان پاٽي پري ايندي‌يون آهن جن کي ’پٽهياريون‘ يا وري ’پٽياريون‘ ڪوٺيو ويندو آهي، ۽ جڏهن اهي ٿري عورتون مٿي تي ٻيلهڙا ۽ ٽيلهڙا رکي، چيلهہ تي گهڙو پري جڏهن قطار ڪري هلنديون آهن، تڏهن سندن جسم جي لوڏ ۽ ٿري لباس جي سونهن ۽ سوپيا ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ان کي لوڪ گيتن ۾ پٽهياري جي صنف طور ڄاتو وڃي ٿو.

هيٺ هن لوڪ گيت جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا.

”پٽياري هالي ري

مرگا نيٽي روپ نياري چالي ري

(پٽياري پاٽي ڀرڻ نڪتي آهي جنهن جا نيڻ هرڻ جهڙا آهن هو روپ نياري آهي.)(١١)

يا هي سٿون تہ

”ست سهيليان روجهولرو، پٽهاري هي لو.“

(ست سهيليون گڏجي تلاءَ تي ويون آهن)

”اي گورل گئي تلاءُ ساهبو“

(۽ هيءَ گورل پڻ تلاءَ تي ويئي.)(١٢)

لوڪ شاعريءَ سان گڏ ڪلاسيڪي شاعرن بہ هن صنف تي پنهنجي طبع آزمائي ڪئي ۽ پاٽهياري عورت کي علامت بنائي جماليات، فطري حسن، ۽ سماج کي پورهئي سان پيار جو درس ڏنو آهي..

مثال لاءِ شاهہ ڪريم جو پٽهياري عورت بابت شاعري جون هي سٿون پيش ڪجن ٿيون تہ

”پاٽهياري سر ٻهڙو جر تي پکي جيئن

اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾“

يا

”پاٽيهاري سيڪا، جا سر گهڙي ڌري،

ڪا لئہ سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري.“ [۱۳]

جديد شاعرن ۾ شيخ اياز پاٽيهاري عورت کي هنن سٽن سان پيتا ڏئي ٿو تہ

”پاٽياري ٽلڪي

سينهونءَ تي سُتو سانگ گهڙي جا،

پلڪ پلڪ ڇُلڪي،

پاٽياري ڦلڪي

آلا آلا رنگ چُنيءَ جا،

انگ پيا اُلڪي،

پاٽياري ٽلڪي“ [۱۴]

## لمڪياڙي لو:

هي گيت ڏٿ چوندڻ وقت عورتون گڏجي ڳائينديون آهن لمڪيان جي معني بلوچ صاحب مطابق ”لمڪي يا لڏي نڪرڻ يا لوڏ سان هلڻ“ هي گيت جمالي جي طرز تي ڳايو ويندو آهي هن گيت بابت اها روايت ملي ٿي تہ مهت نالي هڪ ڇوڪري کي ساجن نالي هڪ مرد سان عشق ٿي ويو هو جنهن کي هن (مهت) پنهنجي ساهيڙي (ساران) جي مدد سان حاصل ڪيو هو. جڏهن ڪافي وقت گذرڻ کانپوءِ ساران کي پنهنجي اها ساهيڙي ياد آئي تڏهن، هن هي گيت ڳائي ان کي ملڻ جو سنيهو ڏئي پئي

هن گيت جا ٻول ڪجهہ هيئن آهن تہ:

”سرڪي نڪتو ساجنيو، او لمڪياڙي لو

پنيان تنهنجي مهت موچاري لمڪياڙي لو

ڪنهن نہ پروڙيو ڪير آهن لمڪياڙي لو





رات انڌاري ڪاري ڪاري لمڪياڙي لو

محبت ويئي مهت ملهائي لمڪياڙي لو

ورهہ لنگهي ويا تون نہ ورئين لمڪياڙي لو

جيڏيون تو لاءِ جر ٿيون هارين لمڪياڙي لو

هڪڙو پيرو ماروهر آ لمڪياڙي لو

مئي ڪنان اڳ ملون لمڪياڙي لو“ [۱۵]

شيخ اياز جي لمڪيان ڙي لو جون هي سٽون هن گيت کي وڏيڪ لئہ ۽ ترنم ڏين ٿيون تہ،

”آءُ اُتر هير سان لمڪيان ڙي لو

لمڪيان ڙي لو

ڪنپ ڪنياتا ڪِرن، لمڪيان ڙي لو

پٽ تِتر پار جا

روز اتر ڪان اچن

لمڪيان ڙي لو

پنڌ پري هوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو

پار پرينءَ لوءِ ڙي

لمڪيان ڙي لو

تانگهہ ڪئي تاوِڙي، لمڪيان ڙي لو

ڪانگ ڏسي ڪامٽي،

ڪانڌ مٿان ڪاوڙي، لمڪيان ڙي لو

ڏور ڪٿئي ڏينهڙا، لمڪيان ڙي لو.“ [۱۶]

هي گيت ڪورس جي انداز ۾ ڳايو ويندو آهي

**چيٽو:**

هي پڻ ٽرۃ ڪاڇي جو مشهور لوڪ گيت آهي، جنهن ۾ پرڏيهي ويل عورت پنهنجي سس، سهري ۽ ڏير جي ظلم جو داستان پنهنجي مڙس کي احساسن ذريعي ٻڌائي ٿي تہ، تو پڇاڙان تنهنجا مائٽ مون سان گهر ۾ ڪهڙو سلوڪ ڪن ٿا. چيٽو اصل ۾ هڪ ان جو داڻو ٿيندو آهي جنهن تي ست ڪلون چڙهيل هونديون آهن جنهن کي ڳوٺ جون عورتون اکري مهريءَ ۾ چڙهي ڇنڊي ان مان پٽ رڌينديون آهن جنهن کي اتان جي مقامي زبان ۾ ’ ڏٽ‘ چيو وڃي ٿو. هن گيت ۾ ان گهريلو عورت جو درد سمايل آهي جيڪا سڄو ڏينهن ڪم ڪري ٿي، پرسندس پورهئي کي مان ڏيڻ بدران گهر وارن نہ صرف هن تي سختي ڪن ٿا، پر اتي سندس عزت بہ محفوظ نہ آهي. هن گيت ۾ ان عورت جي جذبن جي ڏانهن بيان ڪيل آهي.

**مثال:**

”چيٽو ڪونہ چڙيندي سانۃ
چيٽو ڪونہ چڙيندي سانۃ
وهنجان ٿي تہ ڏسي ٿو ڏير
منهنجي آهي مٿي مير
ڳولي گهاٽ ڪٽي ڪو گهير
وهنجي سهنجي ايندي سانۃ
چيٽو ڪونہ چڙيندي سانۃ“ (١٧)

يا وري نياز همايوني جو چيٽو تي لکيل هي گيت تہ:

”ڪانگ منھ تي ، رئو ارھ تي چيٽو ويني چڙيان
ڇڄ ۾ داڻا منهنجا راڻا چيٽو ويني چڙيان
مان تہ چيٽو ويني چڙيان.“ (١٨)





**ڊاٽيئڙو :**

هي گيت بہ ٿر سان تعلق رکي ٿو، جنهن کي ڏنار مال چارڻ وقت پٽن تي ڳائيندا آهن. هن گيت ۾ عورت جو پنهنجي محبوب کان وڇوڙي جو درد ۽ وري ملڻ جي آس سمايل هوندي آهي. سندس سٽاءَ هن طرح رکيل آهي.

”سارو تان سيارو مون گنديءَ ۾ گذاريو
رليءَ جي رولاڪيءَ ماريو ڙي ڊاٽيئڙا
هيلوڪو وري آءِ“(١٩)

يا جديد شاعرن ۾ نيازهمايوني جون هي سٽون تہ:

”ڏاڏا مينهن وٺا ڙي ڊاٽيئڙا
ٽا وڄڙيا ڪنا ڙي ڊاٽيئڙا!
پيا پارا اکن تي ڙي ڊاٽيئڙا
ڪانهي وندر وٽن تي ڙي ڊاٽيئڙا
هيلوڪو وري آءُ!
هيلوڪو وري آءُ .“(٢٠)

’هيلوڪو وري آءُ‘ هن جي وراڻي ۾ اچي ٿو. مجموعي طور تي هي سڄو گيت عورت جي پنهنجي مڙس يا محبوب جي تڙپ ، سڪ وڇوڙن جي ورلاپ ۽ اميدن جي اوسيئڙي جي ڪيفيت تي مشتمل هوندو آهي.

**وڻجارو:**

هي گيت پڻ ٿر سان تعلق رکي ٿو، جنهن ۾ ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ صاحب جي مطابق تہ ، ڏڻ ۽ ڍولو جي ٻن ڪردارن جي محبت ۽ وڇوڙي جي ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڏڻ نالي عورت پنهنجي ور يا محبوب جي وڇڙي وڃڻ تي هي گيت آلاپي ٿي، جنهن جا ٻول ڪجھ هن طرح آهن تہ،

ٺَلهي مٿي پِيپڙي جِڪِي رِي ڇايا ۾ بيٺا مور،

(اڳڻ ۾ پپر جو وڻ، جنهن جي ڇانوَ ۾ مور ويٺا آهن)

هاءِ! وڻجارو بالم ڙي....

(هاءِ وڻجارو سڄڻ)

اونچي ميڙهي اوجَڙي، مِهينان لُونباڙِي ڪاٽ

(اوچي ۽ سفيد ماڙيءَ تي ڇپر ڪٽ رکيل آهي.)

هاءِ! وڻجارو بالم ڙي....[۳۱]

وڻجارن کي ڪلاسيڪي شاعرن پڻ لکيو آهي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي سُر سامونڊي ۾ وڻجارين جي پنهنجي وڻجارن کان وڇوڙي جي ڪيفيت کي هنن سٽن ۾ بيان ڪيو آهي. مثال طور

”سي ئي جوين ڏينهن جڏهن سڄڻ سفر هليا

روئان رهن نه سپرين آيل ڪريان ڪيئن،

مون کي چاڙهي ڇيئن ويو وڻجارو اوهري.“ [۲۲]

مطلب ته ٿر جا اهي لوڪ گيت اتان جي عورتن جي جذبات ۽ احساسات سان گڏ انهن جي سوچ ۽ فڪر جا ترجمان پڻ آهن. جن کي ٻڌڻ سان درد ۽ پيڙا جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي وڏي ڳالهه ته اها آهي ته انهن گيتن جي موسيقي به گهڻي ڀاڱي هو پاڻ ئي ترتيب ڏينديون آهن ۽ جڏهن هو ڪن تي هٿ رکي اهي گيت ڳائينديون آهن تڏهن ماحول تي عجب سحرانگيز ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جيئن، مائي ڀاڳي جو ڳايل لوڪ گيت ’ڪڙي نيم ڪي نيچي ۾ تان هيڪلي‘ جنهن موسيقي جي دنيا ۾ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي، اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي ٿري لوڪ گيت آهن جيڪي، ٿري سماج جي عورتن جي سوچ، فڪر رهڻي ڪهڻي ڏکن سکن جي تصوير پيش ڪندي نظر اچن ٿا. بقول اڪبر لغاري جي ته ”ٿر جي لوڪ گيتن، راسوڙن دوهن جو پنهنجو انداز آهي. ڇاڪاڻ ته لوڪ گيتن ۾ وڏي حسناڪي، جماليت، فراق، ۽ وصال ميسر هوندو آهي، سچ پچ ته ٿر جي لوڪ گيتن ۾ صدين جو سفر شامل آهي.“[۲۳]





يعني ٿر جا اهي لوڪ گيت ٿر جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جا آئينہ دارهوندا آهن جن مان ٿري سماج ۾ مروج ريتن، رسمن ۽ رواجن سان گڏو گڏ ٿرجي منفرد ۽ هر رنگ ۾ رڱيل زندگيءَ جي پڻ پروڙ پوي ٿي، هتي مينهن جي وسڻ، مهمان جي اچڻ، مورن جي ٽهوڪن، محبوب جي وڇڙڻ، سس نڻان جي ظلمن، مائٽن جي سڪ، ڀاڻي پرڻ، پرت پرڻ، مال چارڻ ۽ تهوارن جي اچڻ تي لوڪ گيت ڇيا وجن ٿا، ڀارو مل امراڻي ان بابت لکي ٿو ته، ”لوڪ گيت جا موضوع سوين نه پر هزارين آهن. سمورا موضوع عورت، ڌرتي، سماج ۽ عوامي پيشن سان لاڳاپيل آهن. عام ماڻهو جا ڏک سک، جذبا، خوشيون ۽ غميون، احساس لوڪ گيتن ۾ موجود آهن.“[۲۴]

مٿين سِٽي لوڪ گيتن تي روشني وجهڻ سان هي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي، ته ٿرلوڪ گيتن جي سرزمين آهي، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي ڇيل گيت عورتن جي جذبن جي ترجماني تي ٻڌل آهن. ان جو سبب شايد اهو به ٿي سگهي ٿو ته گيت جيئن ته ڳائڻ سان تعلق رکي ٿو ۽ ان ۾ نرم ۽ نازڪ تخيل سان سلهاڙيل احساسن کي شاعري جي روپ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، ان ڪري اهو گهڻو ڪري عورتاڻي مزاج سان وڌيڪ ٺهڪي اچي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو ٿر جون عورتون هر قسم جي موقعي جي مناسبت سان گيت ورلائين ٿيون، جن ۾ راسوڙن کان وٺي محبوب جي درد فراق ۾ ڇيل گيت، ڪجهه پورهئي تي ڇيل گيت ته ڪجهه وري شڪون شڪايتن ۽ ڪجهه شادي ڪانيوءِ مٿن مائٽن جي سڪ ۽ سار جا گيت آهن، ته ڪجهه وري بدلجندڙ موسمن تي ٻڌل آهن. مطلب ته اهي لوڪ گيت انهن جي جذبات جي مڪمل طورتي عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا، جنهن ۾ فن ۽ فڪر جي گهڻي ڀاڱي پابندي ڪونهي پر سُر، لئي جي ترنم، موسيقي جي مدرتا ملي ٿي.

بقول ڊاڪٽر نارائڻ داس ڀارتي جي ته ”لوڪ گيت من ۾ اٿندڙ يا پيدا ٿيندڙ قدرتي جذبات يا امنگ آهن، انهن ۾ تشبيهون نه آهن پر رس آهي؛ ڇند يا بحر وزن نه آهن پر لئي آهي، رواني آهي، مدرتا آهي. انسان جو من جڏهن موج ۾ اچي ٿو تڏهن هو نچڻ ۽ ٽپڻ ۽ ڳائڻ ٿو لڳي؛ تڏهن ڳائڻ ۾ هرديا جو اتهاس، اهڙي طرح ته ظاهر ٿو ٿئي، جهڙي طرح پريم ۾ ڪشش، شرڌا ۾ وسواس ۽ ڪُروڻا ۾ ڪوملتا.“[۲۵]

هن مان اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو ته ٿر جا لوڪ گيت گهڻي ڀاڱي عورت جي

نفسيات، جذبات ۽ احساسن سان سلهاڙيل آهن، جن ۾ هوءَ پنهنجي زندگي ۾ پيش ايندڙ هر وارتا، ڪيفيت، جذبي ۽ احساس حالتن ۽ واقعن کي سليس ۽ سادن لفظن ۾ اظهارين ٿيون، جن ۾ ٻولي جي لطافت، ترنم ۽ موسيقي جي لئہ ان جي تخيل کي گيت جي روپ ۾ وڏيڪ نکاري ٿي، جيڪا ٻڌندڙن تي درد جي ڪيفيت سان گڏ زندگي جي ڏکن سکن جا احساس نہ رڳو ظاهر ڪري ٿي، پر انهن ۾ ڪين شامل ڪري انهن جو احساساتي لطف ۽ ڪيفيتي ڪرب پڻ محسوس ڪرائي ٿي ۽ اها خوبي ئي لوڪ گيت کي شاعريءَ جي ٻين صنفن کان مختلف ۽ منفرد بڻائي ٿي.

ٿر جا اهي لوڪ گيت زندگي جي زميني حقيقتن جي تمام ويجهو هوندا آهن،جن ۾ عورتن جي ذاتي ڪيفيتن جي اظهار اندر سڄي ٿرجي معاشي ۽ علا قائي مسئلن جي تصوير پيش ڪئي وجي ٿي. جنهن جي ذريعي ٿرجي ثقافتي تاريخ جا اولڙا پسجن ٿا.

## حوالا


١. سنديلو، عبدالڪريم، ’لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو‘ ،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو.

2. رئیس قمر ڈاکٹر،1990ع،مرتب:’اردو میں لوک ادب‘، سیمانتھ پر کاش،دریاء گنج نئ دہلی، ص7

٣. سوٿهڙ، امراڻي پارومل، ٢٠١٧ع، ’ڌرتي ڳائي ٿي‘ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ص: ١٩

4. آغاوزیر ڈاکٹر،1974ع،’اردوشاعری کامزاج‘ ،ایجوکیشنل بوک شاپ علی گڑھ،، ص۔188،

٥. سوٿهڙ، امراڻي پارومل، ٢٠١٧ع، ’ڌرتي ڳائي ٿي‘ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ص: ١٣

٦. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ٢٠٠٦ع، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، حيدرآباد، ص: ٣٢٧.

٧. ايضاً.

٨. فياض لطيف، ٢٠١٧ع، ’شيخ اياز جي شاعري جو جديد مطالعو‘ ، پوپٽ پبليڪيشنگ هائوس خيرپور سنڌ، ص: ٢٩٦.

٩. شيخ ٻانهون خان، ’شاهہ جو رسالو‘ ، ٢٠١٢ع، سُر پورب، داستان پهريون، بيت ٢٨، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ص:١٤٨.

١٠. /https://sindhsalamat.com/threads/٢٨٧٦.

١١. سوٿهڙو ، امراڻي پارومل، ٢٠١٧ع، ’ڌرتي ڳائي ٿي‘ ،. سهڙيندڙ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ص:٩٨

١٢. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، ٢٠٠٦: لوڪ گيت، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، حيدرآباد. ص:٣٣٩

١٣. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘ ، جلد پهريون ص: ٥٧.٥٦.







١٤. سميجو،اسحاق مرتب، ٢٠٠٩ع، ’ناو هلي آ گيت ڪٽي‘ ، روشني پبليڪيش ڪنديارو سنڌ ص: ٣١ .

١٥. شيخ اياز،١٩٨٩ع، ’وڄون وسڻ آيون ‘ ، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدراباد سنڌ ص: ١٧٢.

١٦. فياض لطيف، ٢٠١٧ع، ’شيخ اياز جي شاعري جو جديد مطالعو‘ ، پوپٽ پبليڪيشنگ هائوس خيرپور، سنڌ ص: ٢٩٥ .

١٧. ايضا ص: ٢٨٧.

١٨. همايوني نياز ، ترتيب و تحقيق تاج جويو. ’دل ڌرتي جا گيت‘ ، روشني پلبيڪيشن، ڪنديارو، ص:٦٠.

١٩. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، ٢٠٠٦ع، ’لوڪ گيت‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، حيدرآباد، ص: ٢٥١.

٢٠. نياز همايوني، ’دل ڌرتي جا گيت‘ ، ، روشني پلبيڪيشن ڪنديارو، ترتيب و تحقيق تاج جويو، ص:٦٢.

٢١. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، ٢٠٠٦ع، ’لوڪ گيت‘ ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، حيدرآباد، ص: ٢١٧.

٢٢. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘ ، مڪتب اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي، ص:٧٩.

٢٣. سوٿهڙ، پارو مل امراڻي، ٢٠١٧ع، ’ڌرتي ڳائي ٿي‘ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ص:٩.

٢٤. ايضا ص. ص:٢٥.

٢٥. پارتي، نارائڻ داس، ’مهراڻ،س لوڪ ادب نمبر ٤‘ ، ١٩٩١ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص:٧١.